# مهاڳ....

جديد دؤر ۾ وگيان ۽ سئنيما جي گهٽي ۾ گهٽي بول بالا آهي. ٻئي عوام سان جڙيل آهن جنهن ڪري عوامي زندگي سرل، سهنجي بڻي آهي ۽ عوام وڌيڪ سمجهه وارو، گيان، ڄاڻ حاصل ڪندڙ بڻيو آهي. وگيان اجوڪي سهنج واري جيون جو خاص حصو ته آهي، پر سئنيما عوام لاءِ وڌيڪ اهميت پري ٿي ويئي آهي، اُن جو صرف هڪ ئي سبب آهي ته فلم گيان سان گڏ منورنجن ڏئي ٿي ۽ عوام جي هر طبقي کي پاڻ ڏانهن متاثر ڪيو آهي. سئنيما جديد سماج جي جيون جي آرسي آهي.

فلم جديد وگيان ۽ ويهين صديءَ جي بهترين ڪلا آهي، جيڪا دنيا جي هر علائقي ۾ سولائيءَ سان پهچي ويئي آهي. اڄ وڏي ۾ وڏي ڳالهه اُن دواران سولائيءَ سان عوام تائين پهچائي سگهجي ٿي. سئنيما هڪ نه پر انيڪ ڪلائن جو سنگم آهي ۽ هر ڪلا پنهنجو پاڻ ۾ اهميت رکندڙ آهي. فلم تهذيبي، سماجڪ، ڪلاتمڪ جوابداريءَ وارو ماڌيم آهي، جنهن جو اسان جي روزاني جيون تي وڏو اثر پوي ٿو. فلم جن جيون، عوامي جيون جو ماڌيم آهي جنهن کي نظرانداز ڪرڻ، اُن جو بهشڪار ڪرڻ ناممڪن آهي. اڄ اهڙو ڪوبه گهر خالي نه آهي جتي فلمي گيتن جي گونجار نه ٿيندي هجي. فلمي گيت اڄ عوام جي هر طبقي جي دلين جي ڌڙڪن بڻجي چڪا آهن ۽ هر ننڍي چاهي وڏي، شهري چاهي ڳوٺاڻي نوجوانن جي لبن تي رقص ڪندا نظر اچن ٿا.

سئنيما سماجڪ چيتنا، قومي ايڪتا، راشٽريه پريم، ڀائيچاري کي اُجاگر ڪندڙ ۽ وڪاس ۾ هٿي ڏيندڙ ماڌيم آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته سئنيما جو کيتر هلڪڙائپ، ننگائپ، واحياتپڻي وڌائڻ جو ساڌن آهي اُن سان ڪاري ناڻي جو واپار ڪندڙ، زير زمين ڪارروايون ڪندڙ شخص وڌيڪ جڙيل آهن. فلمي شخص عيش عشرت، فئشن پرست ٿين ٿا جنهن ڪري فلمن جو معيار ڏينهون ڏينهن گهٽجندڙ آهي. اِها حقيقت به آهي. تنهن هوندي به هن کيتر کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي ڇو جو سئنيما اسان کي ڪيترين ئي ڪلاتمڪ فلمون ڏنيون آهن انيڪ ساهتيڪ معياري رچنائن تي فلمون جڙيون آهن. انيڪ ساهتيڪار، گيتڪار، تعليم يافت، هر ڪلا جا ماهر هن کيتر سان جڙيل آهن. فلمي گيت ڪٿائون، اسان جي ديش جي مهانتا، سوروِيرن، شهيدن جي تواريخ، ديش جي وڪاس تي روشني وجهندي رهي آهي. سئنيما کي فلم انڊسٽري سڏيو ويندو آهي. فلم اُديوگ انيڪ روزگار جا وسيلا ميسر ڪيا آهن. انيڪ بيروزگارن کي روزگار، اجهو، لٽو ڏنو آهي. سئنيما شهرت، ناڻو، نالو ڏيندڙ ڪلاتمڪ ماڌيم آهي. اِن چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو. هن ماڌيم سان انيڪ ائڪٽر، ڊائريڪٽر، سنگيتڪار، ڪهاڻيڪار، گيتڪار، ڳائڻا، فوٽوگرافر، فئشن ڊزائينر، نرتيه ماهر، ايڊيٽر، فائيٽنگ ماهر اخبار نويس وغيره هر طبقي جا شخص جڙيل آهن جيڪي ڀارتي سماج جو شان-مان آهن. فلم اڄ هڪ ڪئرير بڻجي چڪي آهي. جنهن کي پڙهيل ڳڙهيل، خانداني نوجوان-نوجوانڙيون اپنائي پنهنجي جيون، شخصيت ۽ مستقبل کي روشن بڻائي رهيا آهن. محنتڪش ۽ لائق اِنسانن کي فلم کيتر ڪاميابيءَ جي چوٽيءَ تي پهچايو آهي ۽ انيڪ حاصلاتون بخشيون آهن. فلمن جو کيتر ڪلا، واپار، وگيان، ساهتيه، پرچار ۽ سرڪار کي ڪروڙين رپيا ٽئڪس ڏيندڙ ڪافي ڪافي وشال کيتر آهي. اِها ڳالهه هر شخص شدت سان محسوس ڪري قبولي هلي ٿو ۽ هزارين دليون هن کيتر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ تڙڦي رهيون آهن.

ڀارت ۾ سڀني کان پهرين ڪنهن فلم تيار ڪئي اُهو هڪ بحث جو وشيه پئي رهيو آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته 1905 ۾ جيوتش سرڪار بنگال تحرڪ کي ڪٽي فلم ٺاهي جنهن تي سرڪار بندش لاڳو ڪئي. فلم پروڊيوسر آر. جي. تورڻي جي دعوي آهي ته هن ”سنت پنڊلڪ“ نالي 1909 ۾ فلم ٺاهي جنهن جو ڪئميرامئن جانسن نالي هڪ وديشي هو. اِها فلم ممبئيءَ جي ڪورونيشن ٿئيٽر ۾ ڏيکاري ويئي. اسڪرين جي 1954 سال جي هڪ انڪ ۾ هرشچندر سکارام دعوي ڪئي آهي ته ڦالڪي کان پندرهن سال اڳ هن فلم تيار ڪئي هئي جنهن ۾ هن هئنگنگ گارڊن ۾ ٻن پهلوانن جي ملهه-ڪشتيءَ جا درشيه فلمايا هئا هن فلم جي ڊيولپنگ انگلنڊ ۾ ڪئي ويئي هئي. اُن بعد شري سکارام ”واندرائونا ڪيل“ نالي 1899 ۾ فلم تيار ڪئي جا گ يئٽي ٿئيٽر ۾ ڏيکاري ويئي جيڪا عام بيحد پسند ڪئي. ڪلڪتا مان شايع ٿيندڙ ”ديپاولي“ اخبار جي 1936 جي هڪ انڪ ۾ ڇاڻايل آهي ته ڪلڪتا جي شري هيرالال 1900 ۾ هڪ پروجيڪٽر خريد ڪري، بنگالي ناٽڪ ”علي بابا“ جا ڪيترا درشيه اُن ۾ فلمايا هئا. 1911 ۾ مسٽر سين دهلي دربار تي هڪ فلم تيار ڪئي هئي جا سياسي سببن ڪري عوام تائين پهچي نه سگهي. ڪجهه به هجي، پهرين فلم جوڙيندڙ ڪير هو اُن جي بحث ۾ نه وڃي قبوليل اِتهاس ٻڌائي ٿو ته هندي فلمن جو جنم داتا دادا ڦالڪي صاحب آهي جنهن ”دي لائيف آف ڪريسٽ“ فلم ڏسڻ بعد ”راجا هرشچندر“ فلم تيار ڪئي.

هڪ حقيقت اِها به آهي ته گونگين فلمن جي آغاز کان وٺي ٻولتين فلمن ۽ جديد تڪنيڪ سان ڀرپور فلمن جي نرماڻ ڪاريه ۾ ڀارت جي هر قوم، مذهب، ٻوليءَ جا باشندا جڙيل رهيا آهن. جن ۾ سنڌي قوم جا شخص پڻ پٺتي نه رهيا آهن ۽ اُنهن


www.sindhigulab.com a complete Sindhi web magazine

فلم نرماڻ ۾ اهميت پريو، تواريخي پارٽ فلمن جي آغاز سان گڏ ادا ڪيو آهي ۽ فخر لائق جڳهہ ۽ مان حاصل ڪيو آهي. نہ صرف ايترو پر سنڌي فلم انڊسٽريءَ جو مضبوط مالي ڪرنگهو بہ ٿي رهيا آهن. اڄ بہ انيڪ سنڌي مالي امداد، سيڙپن سان گ ڏ فلمي دنيا جي هر کيتر ۾ يادگار پارٽ ادا ڪري، سنڌي جاتيءَ ۽ سنڌيت جو شان بلند ڪري ڳاٽ اوچو ڪري رهيا آهن. اِن جي شاهدي پري ٿو برک فنڪار، اديب **ارجن ﭘمياڻيءَ جو قلمبند ڪيل ڪتاب ”سنڌي فلمي دنيا ۾“.**

**شري ارجن ﭘمياڻي** فنڪار، ڪلاڪار، هدايتڪار، سمپادڪ، سنو آرگنائيزر، گ ايڪ، بندوبستڪار، ميوزڪ ڪمپوزر، گلوڪار، محقق، ذهني شخص آهي. جنهن وڏن عهدي تي رهي پنهنجي قابليت جو ثبوت ڏنو آهي. محنت، شفي سوچ، وهنوار ۽ لائقي اِنسانن کي ڪيتري نہ حاصلات بخشي ٿي اُن جو ثبوت آهي شري ارجن ﭘمياڻي.

ارجن بهادر، قوم پرست، وطن پرست، سنڌي پرست آهي. هن کي سنڌ جي تهذيب، ثقافت، اِتهاس لاءِ نہ صرف صدق آهي پر هو اُن جو گهرو اڀياسو آهي ۽ اُنهن جو گهرو مطالعو پڻ ڪيو اٿس. هو سنڌي سورويرن، سپاترن، نارين لاءِ سدائين فخر محسوس ڪري ٿو ۽ کين سلام ڪندو رهي ٿو. هو سنڌيت جي هلچل جو پانڌيئڙو، سدائين سنڌ ۽ سنڌين جو گهڻگهرو ۽ اڻڇهيل وشين جي حفاظت ڪندڙ، خير گهرندڙ آهي. سنڌي موسيقيءَ جو اڻلڀ خزانو، بي‌بها ڪئسيٽون هن وٽ موجوده آهن. جنهن جي آڌار تي هو سنڌي سنگيت جو نہ صرف کوج ڪاريہ ڪري رهيو آهي پر سنڌي سنگيت کي عوام تائين، گهر گهر پهچائي سنڌي موسيقيءَ جي خوشبوءِ کي چوڌطرف ڦهلائي معتر ڪري رهيو آهي.

هو تخليقي ڪلاڪار، سنڌيت جو ساگر، ظلمت جو وروڌي آهي. جڏهن بہ سنڌي ڪلاڪار، فنڪار سان ناحق ٿيندو آهي تہ ارجن جي دل روئندي آهي. هو اُن جي بغاوت بہ ڪندو آهي ۽ بغاوتي رُخ وٺڻ وقت هو اِها چنتا اصل نہ ڪندو آهي تہ ڪو هن کي نقصان پوندو ۽ دوست وڃائيندو. هو مخالفت سهندو آهي پر حق لاءِ لڙندو ضرور آهي. جنهن لاءِ وقتي هو ووادي بہ بڻجي ويندو آهي. ڪلاڪارن جو وڪاس، واڌارو، انعام، سنمان هن جي دل ۾ ساڙ پئدا نہ ڪندا آهن پر هن جي دل خوشيءَ ۾ ٻيٽي ٿي ويندي آهي ۽ مکہ مان واهہ واهہ نڪرندي اٿس.

ارجن هڪ غيرتمند اِنسان آهي. هن ڪيترين ڪلاڪار، ادبي تنظيمن جو روح روان رهندي ادبي ۽ ثقافتي دهشت‌گرديءَ جي واقعات، گروهن جي سياست نظرين ڏٺي آهي. ڪلاڪارن جي حقن کي ڪچلندو ڏٺو آهي. ظلم سان منهن مقابل ٿيو آهي پر هن ڪڏهن بہ سر نہ جهڪايو آهي. ڪنهن لاپ لاءِ هٿ نہ ڦهلايو آهي. ڏاڍاين، زيادتين سان لڙندي لاثاني ڪاميابيون، حاصلاتون، لوڪپريتا، انعام اقرام حاصل ڪيا آهن. سدائين هن جي عزت، شان، مان ۾ اضافو ٿيندو رهيو آهي.

اڄ جڏهن قدرشناسيءَ جي قلت آهي، سنڌي ٻولي تڪليفن واري دؤر مان گذري رهي آهي تڏهن بہ ارجن ﭘمياڻي جفاڪشي ڪري رهيو آهي. هن ڪان اڳ۾ ﭘمياڻيءَ **ماستر چندر** جي جيون تي هڪ لاثاني ڪتاب شايع ڪري سنڌي ٻوليءَ سان، ڪلا ۽ ڪلاڪارن سان وڏو وڙ ڪيو آهي ۽ ناٽڪ ۽ اداڪاريءَ تي ڪتاب لکي رنگہ منچ ڪرافت جي رنگہ منچ ڪلاڪارن کي ڄاڻ ڏني (ٻئي ڪتاب انعام حاصل ڪيل) تہ هاڻي وري **”سنڌي فلمي دنيا ۾“** ڪتاب ۾ پنهنجي سهڻي، عالماڻي اڀياس سان رتائتي نموني جيڪا رچنا قلمبند ڪئي اٿس، جنهن مان ڪافي گهري اڀياس ۽ ڄاڻ جو مشاهدو ملي ٿو، ڪتاب فلم انڊسٽريءَ ۾ سنڌين جي ڏنل اِتهاسڪ يوگدان جي ڄاڻ ۽ ڇنڊڇاڻ جي جهلڪ پسائيندڙ آهي. هيءُ دستاويزي، مددي ڪتاب وڏن لاءِ فلاسافي خوراڪ، ننڍن لاءِ فطري لطف ۽ نوجوانن لاءِ سونهون آهي. ڪتاب اُڇاترو نہ پر گهري اڀياس، کوج، سوجهہ ٻوجهہ، صادق جذبي، ذهني ڪلاتمڪ نظرئي جو روپ آهي. ڪتاب ۾ درج هرهڪ باب مان ارجن جي ساهتيڪ ذوق جو درشن ٿئي ٿو. سنڌي فلمي گيت ساهتيہ هن جي لگن، گايڪيءَ طرف رجهاوَ کي اظهاري ٿو جو سنڌيءَ ۾ پهريون پيرو ذڪر ۽ اشاعت هيٺ آيو آهي. ارجن سنجيده، گهري اڀياس، ذهني روشن ادبي اظهار پنهنجي هوش‌مندي، بيدار ذهن سان پنهنجي تجربن کي ترتيب ڏيئي ڪتاب اسان اڳيان آندو آهي. فلم جي طالبن لاءِ هيءُ ڪتاب روشن منار آهي تہ سنڌين جو شان بلندڙ ڪندڙ اوچو ڳاٽ قائم رکندڙ پستڪ آهي جنهن لاءِ ارجن ﭘمياڻي جس ۽ مبارڪن جو مستحق آهي. مونکي پڪ آهي تہ ارجن جو هيءُ ادبي شغل هن کي ممتاز منزل تي ضرور پهچائيندو جو هن قسم جو ڪتاب سنڌيءَ ۾ سنڌ چاهي هند ۾ اڳ۾ شايع نہ ٿيو آهي. ڪتاب پنهنجي قسم جو پهريون انمول پستڪ آهي.

توهين خود پڙهو ۽ امين ٿيو.

قربن مان :

## - ڊاڪٽر چينو لالواڻي

**(اڳوڻو ڊئريڪٽر : اين.سي.پي.ايس.ايل.، ٻڙودا)**


www.sindhigulab.com a complete Sindhi web magazine

www.sindhigulab.com a complete Sindhi web magazine

# تعارف

مان پهچي وڃان ٿو مهاتما گانڌي هاءِ اِسڪول جي گانڌي هال ۾. ڇهين ڏهاڪي جي هڪ خوش نما ’ياد‘ منهنجي ذهن ۾ فلئش ٿئي ٿي. چنچر جو ڏينهن آهي. رسيس پوري ٿيڻ جو گهنڊ وڄي ٿو، اَسان اسڪول جا سڀ شاگرد پنهنجا-پنهنجا ڪتاب کڻي گانڌي هال ۾ پهچي بينچن تي ويهي اکيون اسٽيج ڏانهن کپايون ٿا. سيني جي نظرن جو مرڪز اِسڪول جي هيڊ ماسٽر سائين هيمنداس منچنديا جو ڪلمک چهرو آهي.

هن سان گڏ ٻيا شخص به منچ تي براجمان آهن. چند لمحن بعد مائيڪ تي اَنائونسمينٽ ٿئي ٿي، هڪ جوان ڪنهن ڪنڊ مان اُٿي منچ ڏانهن وڃي ٿو. هيءُ جوان مائيڪ جي سامهون اَچي، ٻُلند، سريلي ۽ درد ڀريئي آواز سان سڄو هال گونجائي ٿو ڇڏي....

نه باجو، نه طبلو نه ڍولڪ! آواز جي جادوءَ سان سيني کي موهي ٿو ڇڏي. گيت جا ٻول ياد ڪونه اٿم، ”مس اِنڊيا“ فلم جو محمد رفيءَ جو ڳايل گيت هو. گيت پوري ٿيڻ بعد سڄو هال تاڙين جي آواز سان گونجي اُٿيو بس اُن گهڙيءَ اُن ڏينهن کان مان ”هن“ جي شخصيت کان متاثر ٿيس ۽ دوستيءَ جو هٿ وڌايم. پنجن ڏهاڪن کان دوستيءَ جو هٿ وڌيل پئي رهيو آهي....

مان هتي اَرجن پمياڻيءَ جو ذڪر ٿو ڪريان، هن جو اِسڪولي جيون وارو ڪلاڪار اڄ تي هلي وقت سان هم آهنگي ڪندو سُرن تالن جي دستوري سکيا وٺي، منچ، ريڊيو ۽ دوردرشن تان پنهنجي ڳائڪيءَ جي فن جو اِظهار ڪندي هينئر هڪ Matured ڪلاڪار طور سڃاتو وڃي ٿو. سنگيت هن لاءِ سڌانا آهي شونق نه آهي. سنڌي لوڪ سنگيت لاءِ خاص دلچسپي اٿس. ماستر چندر ۽ ڀڳت ڪنوررام هن جا آدرش آهن. مهيش چندر به هن کي گهٽ متاثر نه ڪيو آهي. اَرجن وٽ سنڌي لوڪ سنگيت ۽ سگم سنگيت جو اَٿاهه ذخيرو موجود آهي جنهن جي اَڀياس ۽ کوجنا ۾ هن جو وقت گذرندو آهي.

1960 ۾ گورڌن تنواڻي، اَرجن پمياڻي ۽ هن بندي گڏجي سنڌو ڪلاڪار منڊل جو بنياد وڌو پوءِ چندر ساوناڻي به منڊل سان جُڙيو. سائين نيوندرام سونيءَ جي رهبري ۾ ڪلاڪار منڊل ڪافي شهرت حاصل ڪئي.

اَرجن پمياڻي احمدآباد کان ٻاهر به ڪيترائي سنگيت پروگرام پيش ڪري سنڌي سنگيت جو چوڌس ڦهلاءُ ڪيو آهي، باوجود اِنهن حاصلاتن جي هن پاڻ کي هڪ سڌڪ طور ڄاڻايو آهي اِهو ئي ڪارڻ آهي جو رٽايرمينٽ کان پوءِ به هن پاڻ کي سنگيت سڌنا سان جوڙي رکيو آهي.



www.sindhigulab.com a complete Sindhi web magazine

اِنٽرنيٽ، ڪئسيٽ، سي. ڊي.، وي.سي.ڊي. جي ذريعي سنڌ جي ڪيترن ڄاتل سڃاتل ڪلاڪارن کي هو باريڪيءَ سان ٻڌندو رهيو آهي ۽ اُنهن مان ڪافي فيض پڻ حاصل ڪيو آهي.

هي دوست گهڻڪنڊي شخصيت وارو شخص آهي. هو هڪ ڪامياب رنگڪرمي اَداڪار ۽ هدايتڪار ٿي رهيو آهي. سنڌو ڪلاڪار منڊل جي شروعاتي دؤر ۾ هن جي ناٽڪي مشغولين سان وابسطگي رهي.

مڪان خالي آهي، نيلام، سماج شيوڪ، M.P.، پاڳل وغيره ناٽڪن ۾ هن اَداڪاري ڪئي ته مٺُو، وصعيت نامو ۽ ڪلنڪ ناٽڪ بخوبي هدايت ڪيا. آڪاشواڻي دوردرشن جو هي Approved ڪلاڪار به آهي. اِها به حقيقت آهي ته رنگ منچ جي حوالي ۾ هي دوست هڪ اِتهاس ٻڌجي پيو آهي.

هن جي رچناڪار جو جنم ڇهين ڏهاڪي جي آسپاس سنڌي ساهت سنگت ۾ ٿيو. سنڌي ساهت سنگت اُن دؤر ۾ احمدآباد جي واحد اَدبي سنستا هئي. وشنداس پاپٻا، ڳنگارام سمرات، جيوت ترنگ، اَرجن حاسد، هيرو شيوڪاڻي، هنسراج پنجابي، نندلعل راماڻي، گورڌن تنواڻي، واسديو موهي، پريم پرڪاش، سريش جگر، ناري پنجواڻي، اَرجن پمياڻي، ويڙهو رفيق ۽ ٻيا. اَدبي ذوق، شوق ۽ فن جو اظهار ڪندا هئا. سنگت جي اَديبن جي صحبت ۾ رهندي اَرجن پڻ قلم آزمايو. سندس قابل ذڪر رچنائون آهن : (1) ماستر چندر جي جيوني (2) ناٽڪ ۽ اَداڪاري (3) ڪنوارو مسواڙي (اَنواد ڪيل ناٽڪ) ناٽڪ ناٽڪ زندگي (پريو جوشيءَ جو اَنواد) سندباد جا ست سفر (ٻال ناول اَنواد).

هينئر هيءُ سنڌي اَدب کي هڪ نئين سوغات ڏيئي رهيو آهي. ”سنڌي فلمي دنيا“ ۾ 300 صفحن وارو هي هڪ ناياب دستاويزي ڪتاب آهي جيڪو اَرجن هڪ لنبي خاموشيءَ بعد لکيو آهي. مان نٿو سمجهان ته هند يا سنڌ ۾ اَڃا تائين سنڌي فلمن، فلمي اَداڪارن، هدايتڪارن، گائڪن، گيتڪارن، سنگيتڪارن وغيره بابت کوڄ معلوماتي ۽ کوجناتمڪ ڪتاب ڇپيو آهي.

ڪتاب هن جي سنگيت/فلمن لاءِ سوجهه ٻوجهه ۽ اَٿڪ محنت جو ثبوت آهي ۽ ايندڙ پيڙهين لاءِ روشن منار آهي.

اَرجن! ننڍپڻ کان زندگيءَ سان لڙندي ڪشمڪش ڪندي اَڀياس ۾ سخت محنت ڪندي اَڪائونٽنٽ جنرل جي آفيس ۾ پنهنجي قابليت ۽ ذهني قوتن سبب سينيئر آڊٽ آفيسر جي عهدي تي پهتو. زندگيءَ جا چار ڏهاڪا نوڪريءَ ۾ رهندي رٽايرڊ ٿيو آهي، پر ٽائرڊ نه ٿيو آهي. اَڄ به هو زندگيءَ سان ڏوبڌو آهي. هڪ خوددار، سوالنبي ۽ بيباڪ شخص اَڄ به ڪرو ڪيتر ۾ لڙي رهيو آهي. جيون ۾ سنگهرش، ڪشمڪش ۽ جنگ جاري آهي.

- ويڙهو رفيق

(اڳيون آڪاشواڻي سينيئر اَنائونسر)



www.sindhigulab.com a complete Sindhi web magazine

# ٻه اکر

ارجن پمياڻي احمدآباد جي انهن اوائلي ڪلاڪارن مان آهي جنهن احمدآباد ۾ سنڌي ڪلچرل پروگرامن جو بنياد وڌو. سنڌي ناٽڪن ۽ سنگيت پروگرام پيش ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو. 1962 ۾ ويڙهي ’رفيق‘، گورڌن تنواڻي، چندر ساوناڻي ۽ ارجن پمياڻي سنڌو ڪلاڪار منڊل جو پايو وڌو. ارجن هڪ ڀوڳڻو ڪلاڪار آهي. هڪ سٺي اداڪار ۽ هدايتڪار هئڻ سان گڏ هوُ هڪ سٺو گايڪ ۽ سنگيتڪار به آهي تنهن سان گڏ ليکڪ پڻ آهي. منڊل جي شروعاتي دؤر ۾ ڪافي گيتن جون ڌُنون ارجن پمياڻيءَ ٺاهيون ۽ اهي گيت سنگيت پروگرامن ۾ ڪافي لوڪپريه ٿيا. اِها منهنجي خوشقسمتي آهي جو ارجن پمياڻي ۽ مان هڪ ئي وقت اسٽيج تي قدم رکيو. ائين ته ارجن پرائمري اسڪول کان وٺي ڀاڳ ئيندو هئو پر اسٽيج تي 1958 ۾ فل لينٿ ناٽڪ ”لين دين“ ۾ گڏ ڪم ڪيوسين. جنهن جو هدايتڪار ارجن پمياڻي هو. اهي ڏينهن اڄ به ياد آهن جڏهن هٿ لاريءَ تي مائيڪ کڻي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ناٽڪ جو پرچار ڪيو هئوسين. مهاتماگانڌي هاءِ اسڪول جي شاهي هال ۾ پاڻ هٿوڙيون ڪوڪا کڻي پڙدا لڳايا. هڪ ئي ڏينهن ٻه شو رکيا هئا. ٻئي شو هائوس فل ويا هئا. ان ڪانپوءِ پارٽ پر ۾ ڪافي ناٽڪ ۽ سنگيت پروگرام پيش ڪيا ويا ۽ سنڌيت جو پرچار پُرجوش سان ڪيو ويو.

ارجن جي دماغ ۾ هر هميشهه ڪجهه نئون ڪرڻ جي تمنا هوندي آهي. ڪيس خيال آيو ته اسان جي سنڌي ڪلاڪارن جو فلمي دنيا ۾ وڏو يوگدان آهي انهن جي يوگدان ڏانهن ڪنهن جو به ڌيان نه ويو آهي. چو ته انهن ڪلاڪارن جي يوگدان بابت اڄ جي نوجوان خواه وڏڙن کي سنڌي ڪلاڪارن جي فلمي دنيا ۾ ڏنل يوگدان جي ڄاڻ ڪونهي. سنڌي فلمي ڪلاڪارن جي يوگدان کي سنڌي قوم وساري ويٺي آهي ۽ ارجن ڪلاڪارن جي يوگدان جي باري ۾ ڪتاب لکڻ شروع ڪيائين. رات جو جنهن مهل به جاڳ ٿيندي هئس قلم ۽ پنا کڻي ڪتاب لکندو هو. ڪافي مهنن جي جاکوڙ بعد 300 پيجن جو ڪتاب تيار ٿي ويو. ارجن ڪتاب ۾ انهن جهونن ڪلاڪارن جا فوٽا ڏيڻ چاهيا ٿي اِهي فوٽو ڪٿان اچن؟ ڪجهه پاڻ وٽ



سانڍي رکيا هئائين، ڪجهه فوٽا يارن دوستن وٽان هٿ ڪيائين. ڪجهه وري جهونيون سي.ڊي. وغيره خريد ڪري انهن مان فوٽا اِسڪين ڪرائي ڪتاب ۾ شامل ڪيا اٿس.

سنڌي فلمن جي گيتن کي سهيڙي رکڻ جي ڪا به ڪوشش نه ڪئي ويئي آهي. ارجن وٽ سنڌي فلمن جون ڪجهه ڪئسيٽ موجود هيون جيڪي هن سنڀالي رکيون هيون. ٽيپ رڪارڊ ۾ ڪئسيٽ کي روائينڊ ۽ فارورڊ ڪري سنڌي فلمن جي گيتن جي ٻولن کي لکيو. ڪجهه گيت ڪيس سنڌي اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، آديپور مان حاصل ٿيا. اهڙي نموني سنڌي فلمن جي گيتن کي سهيڙي ڪتاب ۾ شمار ڪيو آهي. اهڙي ڪوشش لاءِ ارجن کي واڌايون ڏيڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهجي.

هن ڪتاب جي خاص خاصيت اِها آهي ته ارجن پمياڻي سنڌي ڪلاڪارن جا هندي-سنڌي فلمن ۾ ڳايل گيتن جي رڪارڊ ڪمپنيءَ، رڪارڊ نمبر ۽ گيت جا ٻول ڪتاب ۾ ڄاڻايا آهن. سنڌي ڪلاڪارن جن هندي فلمن ۾ ڪم ڪيو انهن فلمن جا نالا سنه سان گڏ ڏنا آهن. تنهن سان گڏ سنڌي فلمن جو مختصر اِتهاس پڻ ڏنو آهي. اِهو ڪم ريسرچ جو ڪم آهي ۽ نواڻ آهي. انهن تفصيلن کي هٿ-گڏ ڪرڻ لاءِ ارجن ضرور زبردست جاکوڙ ڪئي هوندي!

هيءُ ڪتاب هڪ ناياب ڪتاب آهي، جو هن قسم جو ڪتاب ڪڏهن به ڪٿي به نه ڇپيو آهي جنهن ۾ جهونن ۽ نون سنڌي ڪلاڪارن جي فلمي جڳت ۾ ڏنل يوگدان کي ياد ڪيو ويو هجي جن جي يادگيري ميسارجي چڪي آهي. مونکي قوي اُميد آهي ته هن ڪتاب جي سنڌي ساهتيه جڳت ۾ آجيان ڪئي ويندي.

**- چندر ساوناڻي**

(سيڪريٽري : سنڌو ڪلاڪار منڊل ۽

سنڌو سرڪل، احمدآباد)

# فلمون وندر/هر ڪلا سان

# ڀرپور/سستو ۽ اثرائتو وسيلو

صدين کان اِنسان ذات پاڻ کي خوش رکڻ لاءِ وندر جي وسيلن جي تلاش پئي ڪئي آهي. اِنسان ذات جي زندگي محنت ۽ ڪشمڪش سان ڀريل رهي آهي. اڄ جي سڌريل ۽ سڀيہ اِنسان جي شروعاتي زندگي جانورن وانگر رهي هئي. ڪشت ڪشالن واري زندگي بسر ڪندي روزاني زندگي لاءِ ۽ پنهنجي دل کي خوش رکڻ لاءِ وندر جي وسيلن کي ڳولهيو. وندر هڪ قدرتي خوراڪ آهي جيڪا ڪيس شڪتي، راحت ۽ سڪون بخشي ٿي. وندر کانسواءِ اِنسان ذات جي زندگي بنا مطلب جي بڻجي ٿي پوي. سڄي ڏينهن جي محنت، مزوري ۽ ڪم کان پوءِ انسان ذات کي پنهنجي من کي خوش رکڻ لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن وندر جي وسيلن جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. غمگينيءَ کان وندر نجات بخشي ٿي. نئون روح ڦوڪي ٿي. ناٽيہ شاستر ۾ برهما هڪ سلوڪ ۾ چيو آهي : ”ڏکن کان ستايل، ٿڪل ٽٽل ۽ غمن جي درياہ ۾ غرق ٿيل ماڻهن کي صحيح وقت تي آرام/خوشيءَ لاءِ مون ناٽيہ شاستر جي رچنا ڪئي آهي.“

وندر جي ضرورت کي محسوس ڪندي اِنسان ذات وندر جي جدا-جدا وسيلن کي ايجاد ڪيو. انهن وندر جي وسيلن مان اسان کي جدا-جدا جاتين، شهرن ۽ ملڪن جي سماجڪ ۽ سڀيتڪ معيار جي خبر پوي ٿي/ڄاڻ ملي ٿي. ناچ گانا، سنگيت، ڳائڻ، وڄائڻ، ڪچهريون، سانگ، جادوءَ جا کيل، تيراندازي، ميلا ملاکڙا، آکاڙا، ڀڪين/ڪکڙن جي ويڙہ، چترڪاري، ملهہ وغيرہ جو احوال هر جاتي، هر ملڪ جي ساهتيہ، اتهاس جي گرنٿن ۽ آرڪالاجي کاتن طرفان کوٽايل قديم آثارن مان ملي ٿو. موهن جي دڙي جي کوٽائي مان حاصل ٿيل ڄاڻ موجب آڳاٽن رهاڪن وندر جا وسيلا ڳولهي ورتا هئا. پراچين وقت کان ويندي جديد زماني تائين وندر جا ڪافي ساڌن موجود آهن.

اڄڪلهہ جي زماني ۾ سائنس جي ترقيءَ اِنسان ذات جي اٿڻي وهڻي ۽ وندر جي وسيلن تي ڪافي اثر ڪيو آهي. وندر جا جهونا وسيلا اڄ پڻ موجود آهن پر



انهن سان گڏ سائنس جي ڪري نون ساڌنن جي پڻ ايجاد ٿي چڪي آهي. ريڊيو، ٽيليويزن ۽ فلمون وندر جا جديد وسيلا آهن. جيڪي اڄ جي اِنسان ذات جي زندگيءَ جو هڪ انگ بڻجي چڪا آهن. ريڊيو، ٽيليويزن ۽ فلمن جي ذريعي اڄ ڳوناٺو اِنسان ڳوٺ جي گهر جي ڪنڊ ۾ ويهي دنيا جي ڪنهن بہ شهر/ملڪ ۾ پرسارت ٿيندڙ وندر جي پروگرامن جو لطف ماڻي سگهي ٿو. جديد وندر جي وسيلن سبب دنيا بلڪل ننڍڙي ٿي ويئي آهي.

ٽيليويزن جي ايجاد کان پوءِ ريڊيو جي اهميت گهٽجي ويئي آهي. ريڊيو صرف ٻڌڻ جو وسيلو بڻجي چڪو آهي پر ٽيليويزن ۾ ٻڌڻ ۽ درشيہ ڏسڻ جي سهوليت موجود آهي. آڳاٽي زماني جي ماڻهن وٽ چمتڪار درشٽي هوندي هئي. ان درشٽي وسيلي دنيا جي ڪنهن بہ گهٽنا کي ڏسي سگهندا هئا: اهڙي چمتڪاري درشٽي جو مثال اسان کي مهاڀارت مان ملي ٿو. سنجيہ پنهنجي چمتڪاري درشٽيءَ جي مدد سان ڌرتراشٽر کي مهاڀارت جنگ جو سمورو احوال گهر ويٺي ٻڌائي سگهيو. اهڙي چمتڪاري درشٽي ٽيليويزن ۾ موجود آهي. ٽيليويزن جي مدد سان دنيا جو ڪوبہ پروگرام گهر ويٺي ڏسي سگهون ٿا. ٿوري عرصي بعد ٽيليويزن جو ننڍڙو پڙدو فلمن جي وڏي پڙدي ۾ ڍڪجي ويو آهي.

فلمون اڄ لوڪپريہ، اثردايڪ، سستو ۽ هر ڪلا سان ڀرپور وندر جو وسيلا آهن. فلمون وندر جو بهترين ۽ طاقتور وسيلو تہ آهن ئي پر ان سان گڏ هڪ اوچ درجي جي ڪلا جو روپ آهن. فلمن جي مکيہ خاصيت آهي فلم جو وشال پڙدو. فلمون اداڪاري، ڪهاڻي، گيت، ڊائلاگ، سنگيت، چترڪاري، سنگتراشي ۽ مورتي ڪلا جو سنگم آهن. شروعاتي دؤر ۾ سئنيما جي روپ جو ايترو اوج نہ هو جيڪو هاڻي آهي. فلم جي ڪهاڻي درشڪن کي ڪڏهن کلڻ تي مجبور ڪري ٿي، تہ ڪڏهن روئڻ تي، فلم جي فوٽوگرافي درشڪن کي قدرت جي نظارن ۽ درشين جو ديدار ڪرائي ٿي. فلم جا گيت درشڪ کي ڪلپنا جي جڳت ۾ پهچائي ٿا ڇڏين. فلم جا شاهي سيٽ درشڪن کي عجب ۾ وجهي ٿا ڇڏين. فلم جو سنگيت درشڪ کي جهومائڻ لڳي ٿو. اداڪارن جي اداڪاري درشڪن کي ڪهاڻي جي اونهائي جو درشن ڪرائي ٿي.

فلمون سڀني للت ڪلائن/پرفارمنگ ڪلائن جو ضرورت موجب اظهار ڪن ٿيون. سڀني ڪلائن جي گڏيل اظهار ڪري فلمون زبردست لوڪپريہ ٿيون آهن. جديد ٽيڪنيڪ جي اُپيوگ سبب اڄ فلمن جي ڪهاڻيءَ جي پيشڪش ۾ گهڻو فرق اچي ويو آهي. حاصل مطلب فلم هڪ اوچ ڪوٽيءَ جي ڪلا آهي.

❐ ❐ ❐

# فلمن جي آغاز جو اتهاس

فلمن جي آغاز جي اتهاس جو بنياد اڻويهين صديءَ ۾ پئجي چڪو هو. فلم / سئنيما/چلچتر/ڪيل لاءِ ڪنيمٽوگراف (Kinematograph) لفظ جو استعمال ڪيو ويندو هو. اهو اکر يوناني ٻوليءَ جو هڪ اکر آهي. سئنيما (Cinema) اکر جي معنيٰ آهي رفتار (Motion) ۽ گراف (Graph) اکر جي معنيٰ آهي لکڻ (write To). ڪنيمٽوگراف لفظ جو اُپيوگ رفتار جي سڌانت جي حوالي ۾ ڪيو ويندو آهي. سئنيما/فلم جي پڙدي تي رفتار ئي سئنيما/فلم جو خاص گڻ آهي. فرينچ ٻوليءَ ۾ ڪئنيمٽوگراف لفظ جو ملندڙ جلندڙ لفظ سنيمٽوگرام (Cinematograph) آهي. جنهن جو اڄ مختصر لفظ (**Cinema**) سئنيما آهي.

فلمن ۾ درشين جي قطار تمام گهٽ رفتار سان اهڙي نموني ڏيکاري ويندي آهي جو درشتيءَ جي بيهڪ جي سڌانت موجب (Persistence of vision) ڏسندڙ کي ان ۾ هڪ نه رڪجندڙ رفتار محسوس ٿيڻ لڳندي آهي. فلم جي ذريعي اکين جي سامهون ايندڙ بيٺل چتر به گهٽ رفتار کان متاثر تي چرندڙ محسوس ٿيندو آهي. ان احساس جو مکيه آڌار اِنسان جي درشتيءَ سان واسطو رکندڙ خاصيت ”درشتيءَ جي اِسترتا“ آهي.

جڏهن اسان ڪابه تصوير يا درشيه ڏسندا آهيون تڏهن اسان جي اکين جي ريٽينا (اک جي آرسي) تي جيڪو چتر/درشيه چٽجندو آهي اهو $\frac{1}{6}$ سيڪنڊ تائين قائم رهندو آهي اهو درشتي استرتا جو نيم ۽ سڌانت آهي. اهڙي نموني جڏهن هڪ سيڪنڊ ۾ سورهن چتر رفتار سان لڳاتار ڏسندڙ جي اکين سامهون لنگهندا آهن تڏهن ڏسندڙ کي انهن چترن ۾ رفتار جو احساس ٿيڻ لڳندو آهي.

درشتي اِسترتا جي سڌانت تي پهرين پي.اين. راگٽ (P.N. Ragot) نالي سائنسدان کوجنائون ڪيون هيون. هن هڪ کوجناتمڪ ليک ”پرسستنس آف وزن وٽ رگارڊ ٽو مووينگ آبجيڪٽ“ جي سري سان لکيو ۽ سنه 1824ع ۾ رايل سوسائٽي



وٽ پيش ڪيو. ان ليک ان وقت جي سائنسدانن کي ان وشيه تي وڌيڪ کوجنائون ڪرڻ جي پريرڻا ڏني هئي. انهن سائنسدانن مان جان هرشل ۽ مائيڪل فرادي جا نالا قابل ذڪر آهن.

سنه 1826ع ۾ جي.ڪي. پيرس (J.K. Paris) نالي سائنسدان هڪ رانديڪو ٺاهيو. جنهن کي ٿام ٽراپ (Thom trope) جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. هن رانديڪي ۾ هڪ ڪارڊ (وڏي ڪاغذ جو ٽڪرو) جنهن کي ٻنهي پاسن کان ڏوري سان ٻڌو ويو هو. هن ڪارڊ جي هڪ پاسي پڃرو ۽ ٻئي پاسي جهرڪيءَ جي چتر چٽيل هو. اهڙي نموني هڪ ٻئي ڪارڊ تي هڪ پاسي گهوڙي جو ۽ ٻئي پاسي هڪ گهوڙيسوار جو چتر چٽيل هو. ٻنهي ڏورين جي وچ ۾ ڪارڊ کي زور سان گهمايو ويندو هو. ان وقت ڏسندڙ کي ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ جهرڪي ۽ پڃرو ۽ گهوڙو ۽ گهوڙيسوار گڏ گڏ چٽيل آهن. ان جو ڪارڻ اهو هو ته جيستائين جهرڪيءَ جو چتر اکين اڳيان اجا غائب ئي نه ٿيندو هو ته پڃرو اکين اڳيان اچي ويندو هو. اهڙي طرح جيستائين گهوڙي جو چتر اکين وٽان غائب نه ٿيندو هو تيستائين گهوڙيسوار جو چتر سامهون اچي ويندو هو ۽ ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ جهرڪي ۽ پڃرو ۽ گهوڙو ۽ گهوڙيسوار گڏ گڏ آهن. ان تجربي پنيان درشتي استرتا جو سڌانت ڪم ڪري رهيو هو.

سنه 1829ع ۾ جي.اي. پليٽو (J.A. Plateu) نالي سائنسدان درشتي اِسترتا جي نيمن کي ٺاهيو ۽ سنه 1833ع ۾ فيناڪسٽيسڪوپ (Phena kistiscope) نالي مشين جي ايجاد ڪئي. ان کانپوءِ سنه 1834ع ۾ ڊبليو جي. هارنر (W.G. Harner)، جئٽراپ (Zoetrope) نالي هڪ مشين ٺاهي. هيءَ مشين هڪ سلينڊر جي آڪار جهڙي هئي. سلينڊر جي هيٺئين حصي ۾ گهوڙن ۽ ماڻهن جا چتر لڳايا ويا هئا. سلينڊر کي گهمائڻ سان ائين ٿي لڳو ڄڻ چتر هلي رهيا آهن. جئٽراپ مشين ۾ ڪجهه خاميون نظر آيون. پهرين خامي اها هئي ته سلينڊر ۾ جيڪي چتر لڳايا ويندا هئا اهي برش جي مدد سان هٿ سان چٽيا ويندا هئا. ان ڪري هڪ جهڙا نه هئا. جئٽراپ ۾ ڏسڻ وقت رفتار ۾ رڪاوٽ پيدا ڪندا هئا. ٻي خامي اها هئي ته هن مشين ۾ هڪ ئي وقت هڪ ماڻهو چتر ڏسي سگهيو پئي. گهڻا ماڻهو هن مشين جو فائدو نه ٿي وٺي سگهيا.

پهرين خامي فلمن جي ڪئميرا جي کوجنا سان هٽي ويئي جڏهن هڪ انگريز

فوٽوگرافر ايڊورڊميبرج (Edword Mabridge) فلمن لاءِ ڪئميرا ناهي.

سنہ 1877ع ۾ هن اٽڪل پنجاهه ڪئميرائون هڪ ئي قطار ۾ لڳائي هڪ ڊڪندڙ گهوڙي جا فوٽا ڪڍڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. جڏهن انهن سيني فوٽن کي هڪ هنڌ رکي ڏٺو ويو تہ ائين محسوس ٿيڻ لڳو تہ ڄڻ گهوڙو سچ پچ ڊڪي رهيو آهي. ان ڪاميابيءَ سان اُتساهت ٿي ميبرج مفيسڪوپ نالي مشين ناهي جنهن کي فلمن جي ڪئميرا جو پهريون روپ سڏي سگهجي ٿو.

فلمن جي نرماڻ ۽ وڪاس ۾ مشهور سائنسدان ٿامس ايڊيسن الوا جو نالو قابل ذڪر آهي. ڪافي تجربن بعد هن ڪنيڪٽوسڪوپ نالي مشين ناهي ۽ سنہ 1891ع ۾ مشين کي پيٽنٽ ڪرايو. هن مشين ۾ پڻ ڪجهه خاميون نظر آيون. هڪ تہ مشين ۾ شڪليون ايتريون ننڍڙيون ڏسڻ ۾ پئي آيون جو دوربين جي مدد سان پڻ چٽيون نظر نہ ٿي آيون ٻيو تہ جٽراپ مشين وانگر هن مشين جو آنند هڪ ئي وقت هڪ ماڻهو وٺي ٿي سگهيو.

سنہ 1889ع ۾ جارج ايسٽمين (George Eastmen) سلولائيڊ فلم جي کوجنا ڪئي. هن سان ڪينڪٽوسڪوپ ڪئميرا ۾ ايندڙ تڪليفون دور ٿي سگهيون. ايڊيسن الوا پنهنجي ڪئميرا تي سلولائيڊ فلم لڳائي ۽ 4 آڪٽوبر 1889ع تي ويسٽ آرينج فلم جي نمائش ڪئي جيڪا ڪافي ڪامياب ويئي. ايترو سڀ ٿيڻ ڪانپوءِ پڻ فلم  عوام ماڻهن لاءِ تيار نہ ٿي سگهي هئي. ڇاڪاڻ تہ ان مشين جو آنند هڪ ئي وقت هڪ ماڻهو وٺي ٿي سگهيو.

ان کوٽ کي پورو ڪرڻ لاءِ ”پروجيڪٽر“ جي کوجنا ڪئي ويئي. سنہ 1895ع ۾ واشنگٽن جي هڪ سائنسدان ٿومس ايئرمٽ هڪ جديد پروجيڪٽر ناهيو. هن پروجيڪٽر جو پبلڪ شو سيپٽمبر 1895ع ۾ ڪاٽن اسٽيٽ ايگزيبيشن ائٽلانٽا ۾ رکيو ويو. ان پروجيڪٽر جي مدد سان ايڊيسن الواجي ڪنيڪٽوسڪوپ ذريعي تيار ڪيل فلمن جي ڪاميابيءَ سان نمائش ڪئي ويئي. ان پروجيڪٽر کي وٽا اسڪوپ (Vita scope) نالي سان سڏڻ لڳا. فلمن تي کوجنائن جو سلسلو جاري رهيو.

23 اپريل 1896ع ۾ نيويارڪ ۾ ايڊيسن الوا پنهنجي مشين ڪينيڪٽوگراف جي مدد سان هڪ فلم جي نمائش ڪئي. ان فلم ۾ ڪابہ ڪهاڻي نہ هئي صرف درشيہ هئا. ڪجهه سالن بعد سنہ 1903ع ۾ پهريون دفعو اهڙي فلم ناهي ويئي جيڪا


www.sindhigulab.com a complete Sindhi web magazine

ڪنهن ڪهاڻي جي آڌار تي ٺهيل هئي. ان فلم جو نالو هو ”لائيف آف امريڪن فائرمين“ ٿورن ئي ڏينهن کان پوءِ هڪ ٻي فلم ”دي گريٽ ٽرين رابري“ نالي ناهي ويئي جيڪا هڪ ننڍي ڪهاڻيءَ تي ٺهيل هئي. ان فلم جو ناهيندڙ هو ايڊون ايس. پورٽر.

ساڳئي وقت آمريڪا سان گڏ انگلنڊ ۽ فرانس ۾ پڻ فلمن جو نرماڻ ڪاريہ شروع ٿي ويو ۽ فلمن جي نمائش شروع ٿي ويئي.

سنہ 1903ع ۾ انگلنڊ ۾ ”لائيف اينڊ ڊيٿ آف چارلس پيرسن“ نالي فلم جو نرماڻ ٿيو. ان کان پوءِ ”ريسڪيوڊ باءِ رور“ نالي فلم ٺهي. ان فلم کي انگلنڊ جي پهرين ڪٿا فلم ڪري ليکيو ويندو آهي.

فرانس ۾ وري ليومر ڀائرن (Lous and Augstin) ساراهہ جهڙو ڪم ڪيو. انهن ڀائرن سنہ 1895ع ۾ سينيٽوگراف نالي مشين تيار ڪئي. هن مشين سان ڪئميرا، پروجيڪٽر ۽ پرنٽر ڳنڍيل هئا. ان مشين کي ڪٽي بہ ڪٽي وڃي سگهجي پيو. هن مشين جي ذريعي ليومر ڀائرن 28 ڊسمبر 1890ع تي پئرس گرانڊ ڪئفي ۾ جنتا جي سامهون فلم پيش ڪئي. هن فلم کي ڏسڻ لاءِ داخلا في رکي ويئي هئي. داخلا في ڏيئي اٽڪل 120 درشڪن ليومر ڀائرن جي فلم جو مزو ماڻيو. فلمن کي واپار جو روپ ڏيڻ جو اهو پهريون موقعو هو. اهڙي طرح 1900ع صديءَ جي آخر تائين سئنيما/فلمون دنيا ۾ لوڪپريہ بڻجي چڪيون هيون.

ڀارت ۾ 7 جولاءِ 1896ع جي ڏينهن بمبئيءَ ۾ عوام پبلڪ اڳيان فلم ڏيکاري ويئي. فلم پيش ڪرڻ جو شرف فرانس جي ليومر ڀائرن کي مليو ٿو. فلم جي نمائش بمبئي جي واٽسن هوٽل جي هڪ هال ۾ ڪئي ويئي هئي. سائنس جي چمتڪار کي ڏسڻ لاءِ 200 ماڻهو آيل هئا. فلم ڏسڻ لاءِ داخلا في 200 روپيہ رکي ويئي هئي. جولاءِ 1896ع کان وٺي بمبئيءَ جي ناولٽي ٿيٽر ۾ باقاعدي فلمون ڏيکارڻ شروع ٿي وييون. ان وقت فلم جا بہ شو رکيا ويندا هئا. هڪ 8.30 بجي ۽ ٻيو رات جو 9.30 بجي. هرهڪ شو ۾ اٽڪل 12 فلمون ڏيکاريون وينديون هيون. ليومر ڀائرن ڪانپوءِ اٽليءَ جي ٻن ڏنڌوڙين ڪولو نيلو ۽ ڪورنجيا جو نالو فلمن جي نمائش ۾ قابل ذڪر آهي. هنن بمبئي جي اسپيلنڊ ميدان (جيڪو اڄ ڪلهہ آزاد ميدان جي نالي سان مشهور آهي) تي شاميانو لڳائي فلمون ڏيکارڻ شروع ڪري ڇڏيون. ان ڪانپوءِ جنوري 1899ع ۾ بمبئيءَ جي رپولي ٿيٽر ۾ پي.اي.


www.sindhigulab.com a complete Sindhi web magazine

استيورٽ جون فلمون لڳاتار هڪ هفتي تائين ڏيکاريون ويون.

هاڻي ڀارت واسين لاءِ فلمون چمتڪار ۽ عجب جي ڳالهه نه رهيون. ڀارتواسين کي فلمون هڪ ڪامياب ڌنڌي جي روپ ۾ نظر اچڻ لڳيون. ڀارت واسين کي پڻ فلمون ناهڻ جي چاهنا جاڳي. سن 1900ع ۾ خورشيد جي. باٽليواﻻ وديش مان فلمون خريد ڪري بمبئيءَ جي ناولٽي ٿيئٽر ۾ ڏيکارڻ شروع ڪري ڇڏيون. ان کان پوءِ فلمن جي کيتر ۾ ماڻڪ. ڊي. سيٺنا جو نالو مشهور آهي جنهن 1904ع ۾ ڀارت جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ گهمي فلمون ڏيکارڻ جو ڪم ڪيو. انهن فلمن ۾ هڪ ٻن ريلن واري فلم ”دي لائيف آف ڪرائيسٽ“ پڻ هئي.

ان فلم اڳتي هلي ڀارتي فلمن جي جنم داتا دادا فالڪي کي ڀارت ۾ فلمون ناهڻ لاءِ مجبور ڪيو. ويهين صديءَ جي شروعات ۾ اهو ثابت ٿي چڪو هو ته فلمون وندر جو هڪ بهترين وسيلو ۽ ساڌن آهن. ان وقت ڀارت ۾ جيڪي فلمون ڏيکاريون وينديون هيون اهي وديشن مان ٺهي اينديون هيون. فلمن جي وڌندڙ لوڪپريتا ۽ وڌندڙ اثر ۽ ڌنڌي جي منورتيءَ ڀارت واسين ۾ پڻ ڀارت ۾ فلمون ناهڻ جي چاهنا پيدا ڪئي.

ڀارت ۾ فلمون ناهڻ جون مشينون نه ٿي مليون. دادا فالڪي انگلنڊ وڃي اُتان ڪئميرا، پروجيڪٽر ۽ پرنٽنگ مشين خريد ڪري سن 1912ع جي شروعات ۾ ڀارت واپس موٽيو جنهن لاءِ هن کي مالي حالت کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪافي تڪليفن جو مقابلو ڪرڻو پيو هو.

سڀ کان پهرين دادا فالڪي هڪ ننڍي فلم جو نرماڻ ڪيو ۽ ڏيکاري ويئي. ان فلم جو نالو هو ”گروٿ آف پلانٽ“ (Growth of plant) هن فلم ۾ ٻوٽي جي واڌ جي باري ۾ ڏيکاريو ويو هو. اها فلم 50 فوٽ لنبي هئي. ان ڪوشش کي خوب ساراهيو ويو. آخر دادا فالڪي جون ڪوششون ۽ محنت ڪامياب ويئي.

هن ”راجا هرشچندر“ جي جيون تي هڪ وڏي فلم ناهڻ تي ڪم شروع ڪري ڇڏيو. هن فلم ۾ راجا هرشچندر جو رول خود فالڪي ادا ڪيو. استري پاترن جي اڻاٺ سبب راڻي تارامتيءَ جو رول هڪ مرد ڪلاڪار اي. سالوڪي کي ادا ڪرڻو پيو. راجا هرشچندرجي پٽ روهت جو پارٽ دادا فالڪي جي پٽ ٻالچندر ادا ڪيو.

13 اپريل 1913ع تي 3700 فوٽ لنبي ۽ 15000 رپين جي لاڳت سان ٺهيل



ڀارت جي پهرين فلم ”راجا هرشچندر“ بمبئي جي ڪورونيشن ٿيئٽر ۾ ڏيکاري ويئي. راجا هرشچندر جي ڪاميابيءَ بعد فالڪي ٻئي فلمون ناهڻ ۾ مشغول ٿي ويو. 1917ع تائين دادا فالڪي اڪيلي 23 فلمون ناهي ورتيو جن مان ڀيماسر موهني، ساوتري، ڪرشن جنم، ڪاليا دمن، لنڪا دهن فلمون مشهور آهن. اهي سڀ فلمون گونگيون فلمون هيون. ڪاليا دمن فلم ۾ ڪرشن جو رول دادا فالڪي جي ڌيءُ مرڻالني ادا ڪيو هو. سني اداڪاري سبب ڪيس سٺو داد حاصل ٿيو هو. فلم لنڪا دهن جي باري ۾ ڳالهه ڪندا آهن ته هيءَ فلم مدراس ۾ ايترو ته لوڪپريه ٿي جو روز جو وڪرو هڪ ڏڀي گاڏيءَ ۾ وجهي ڪٽي وڃڻو پوندو هو. دادا فالڪي جون ٺهيل فلمون ڊرامي هيون. اداڪاريءَ جو انداز ناٽڪ منڊلين جي اداڪاريءَ جي انداز موجب هو. اداڪار رنگين پڙدن اڳيان بيهي اداڪاري ڪندا هئا. ڀارت ۾ فلمن ٺهڻ جي ڪهاڻي 13-1912ع کان شروع ٿئي ٿي. اهي سال شروعاتي سال هئا. شروعاتي فلمون گونگيون فلمون هيون. بدن جي اِشارن سان فلم جي ڪهاڻيءَ کي ساڪار ڪيو ويندو هو. 1917ع تائين فلمن ناهڻ ۾ دادا فالڪي اڪيلو هو. ان کان پوءِ ٻيا ماڻهو پڻ فلمون ناهڻ جي کيتر ۾ داخل ٿيا جن ناٽڪ منڊليون ناهي فلمون ناهڻ شروع ڪري ڇڏيون. ان وقت جي فلم ڪمپنين ۾ هندستان فلم ڪمپني، فرينڊ اَئنڊ فرينڊ ڪمپني، مهاراشٽر فلم ڪمپني ۽ ڪرشنا فلم ڪمپني مشهور هيون. هندستان فلم ڪمپني جي اِستاپنا پنجن ڀائيوارن سان گڏ دادا فالڪي جي ڪوشش سان ناسڪ ۾ ٿي. هن فلم ڪمپنيءَ جون ڪرشن جنم ۽ ڪاليا دمن فلمون ڪافي مشهور ٿيون. 1927ع ۾ دادا فالڪي هن فلم ڪمپني کان الڳ ٿي ويو. ساڳئي وقت بمبئيءَ ۾ پنجويهه هزارن جي لاڳت سان فرينڊ اَئنڊ فرينڊ ڪمپنيءَ جي اِستاپنا ٿي. هن فلم ڪمپنيءَ جي اِستاپنا ٻن دوستن اين. پاٽنڪر ۽ ڊي.اين. سمپت ڪئي. هن فلم ڪمپنيءَ جي پهرين فلم ”رام بنواس“ هئي جيڪا ڪامياب نه ويئي. هن فلم ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ڪلڪتي مان ٻن ناچڻين کي گهرايو ويو هو. هن فلم ڪمپنيءَ جي ٻي فلم ”ستي ديوياني“ سٺي ڪامياب ويئي.

مهاراشٽر فلم ڪمپني پڻ گونگيون فلمون ناهڻ ۾ اڳري رهي. هن فلم جي اِستاپنا ڀارتي فلمن جي مشهور هستي بابوراءُ پينٽر ڪولهاپور ۾ ڪئي. هيءُ پهريون فلم نرماتا هئو جنهن فلمن جي ڍانچي تي ڌيان ڏنو. هن فلم ڪمپنيءَ

جي پهرين فلم ”سيرنڌري“ هئي (جيڪا تمام ڪامياب ويئي) هيءَ پهرين فلم هئي جنهن جا ڪجهه ٽڪرا پارت سرڪار (انگريز سرڪار) کي ڪٽڻا پيا هئا. هن ڪمپنيءَ جي ٻي فلم ”سنهگڙه“ ڏيکاري ويئي جنهن ۾ پارتي فلمن جي مشهور هدايتڪار/نرماتا وي. شانتارام شواجيءَ جو رول ادا ڪيو هو. هيءَ فلم بمبئيءَ جي ناولٽي ٿيئٽر ۾ اُن وقت 19 هفتا هلي هئي ۽ رڪارڊ قائم ڪيو هو. هن فلم ڪمپنيءَ جي ٻي فلم ”مايا بزار“ هئي. هن فلم ۾ اُن وقت جي مشهور ڪئميرامين فتح لعل ”ٽِرڪِ فوٽوگرافي“ جو پريوگ ڪيو هو.

مهاراشٽر فلم ڪمپني وانگر ڪوهنور فلم ڪمپني پڻ گونگي فلمن ناهڻ ۾ اڳري رهي. هن ڪمپنيءَ جي اسٽاپنا فرينڊ ائنڊ ڪمپنيءَ جي پائيوار ڊي.اين. سمپت ماڻڪلعل پوڳيلعل پٽيل سان گڏجي ڪئي. هن فلم ڪمپنيءَ جي پهرين ڪامياب فلم هئي ”ستي ساوتري“ ٻي فلم ”ڀڳت ودر“ ۾ سمپت خود هيري جو رول ادا ڪيو هو. 1924ع ۾ هن فلم ڪمپنيءَ طرفان ”وير بالا“ فلم ناهي ويئي. هن فلمن کان وٺي مشهور هيروئن سلوچنا فلمن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. سن 1924ع ۾ ڪوهنور فلم ڪمپنيءَ جو وڏو اسٽوڊيو باھ لڳڻ سبب ناس ٿي ويو. سمپت همت ڪري هن فلم ڪمپنيءَ ۾ وري جان ڦوڪي ۽ پيمرسين، گڻ سندري، مالتي ماڌو ۽ ستي انسويا جهڙيون مشهور فلمون ناهيون.

سن 1912-13ع کان سن 1924-25ع تائين ٻرپا ٿيل فلم ڪمپنين ۽ انهن طرفان ٺهيل فلمن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ اولهہ پارت ۾ فلمن ناهڻ جو ڌنڌو ڪافي ڦهلجي چڪو هو.

فلمن ناهڻ جو اثر پارت جي ٻين پرانتن بنگال، مدراس ۽ پنجاب تي پڻ پيو. اتي پڻ ڪيترين فلم ڪمپنيون ٻرپا ٿيون ۽ فلمن ناهڻ ۾ جنبي ويون.

ان وقت بنگال ۾ ٻہ فلم ڪمپنيون مدن ٿيئٽرس ۽ انڊو برٽش مشهور هيون. مدن ٿيئٽرس جي پهرين فلم ”نل دمينتي“ هئي. ٻئي فلمون هيون بلوا منگل، اندر سڀا ۽ سليو گرل آف آگرا. انڊو برٽش ڪمپنيءَ ”انگلنڊ رٽرنڊ“ فلم ناهي جنهن جي هدايتڪار ڌيريندر ۽ نتيش ٻنهي گڏجي ڪئي.

ڏکڻ پارت ۾ پڻ فلمن ناهڻ جو سلسلو جاري ٿي ويو. سن 1921ع ۾ پي. وينڪٽيا نالي هڪ شخص پنهنجي پٽ آر. پرڪاش جي مدد سان ”ڀيشم پرتگيا“ نالي فلم ناهي. هن فلم جو نرماڻ اسٽار آف دي ايسٽ فلم ڪمپنيءَ جي سايعي


www.sindhigulab.com a complete Sindhi web magazine

هيٺ ٿيو.

سن 1924ع جي آسپاس پنجاب ۾ فلمون ٺهڻ لڳيون. پنجاب ۾ ٻرپا ٿيل پهرين فلم ڪمپني ”دي گريٽ ايسٽرن ڪارپوريشن“ هئي. جنهن جو جنم داتا هو همانشوراءِ جنهن اڳتي هلي بامبي ٽاڪيز فلم ڪمپني ناهي. ديو ڪاراڻي ۽ اشوڪڪمار جهڙا اداڪار ميدان ۾ آندا.

همانشوراءِ ٻہ فلمون ناهيون هڪ هئي ”لائيٽ آف ايشيا“ ۽ ٻي هئي ”لو آف مغل پرنس“. ”لو آف ايشيا“ پهرين پارتي ڪلاتمڪ فلم هئي ۽ زبردست ڪامياب ويئي. هيءَ فلم لنڊن جي سئنيما هال ماڻڪ ۾ ڏيکاري ويئي جتي هيءَ فلم 10 مهنا هلي. هن فلم کي ڏسڻ انگلنڊ جي راڄا جو پريوار پڻ آيل هو.

## سئنيما گهر/ٿيئٽرن جو ٺهڻ

1925ع جي آسپاس فلمن جي نرماڻ جو ڪم ڪافي وڌي ويو. ديش ڀر ۾ نوان نوان سئنيما گهر ٺهڻ لڳا. 1907ع ۾ بمبئيءَ ۾ پهريون پڪو سئنيما گهر ٺهيو جنهن جي ناهڻ ۾ پارل نالي شخص جو وڏو هٿ هو. ساڳئي وقت ڪلڪتي ۾ جي.ايف. مدن ”مدن ٿيئٽر واءِ اسڪوپ“ نالي سئنيما گهر ٺهرايو.

## سئنيما ٽو گراف ائڪٽ ۽ سينسر بورڊ

سن 1918ع پهريون دفعو سئنيما ٽو گراف ائڪٽ پاس ڪيو ويو. ان ائڪٽ هيٺ فلم ڏيکارڻ لاءِ ليسن وٺڻ لازمي بڻايو ويو. ٻن سالن کانپوءِ 1920ع بمبئيءَ ۾ پهريون پارتي سينسر بورڊ ناهيو ويو. سن 1913ع کان 1924-25ع تائين جيڪي گونگيون فلمون ٺهيون ۽ ڏيکاريو ويون انهن جي ڪهاڻي ڌارمڪ رهي. 1925ع کان 1930ع واري وقت ۾ ڪلاتمڪ گونگيون فلمون ٺهڻ لڳيون.

## پهرين سلور جبلي فلم

ڪجهه عرصي بعد ڪوهنور فلم ڪمپنيءَ هڪ فلم ناهي جنهن جو نالو هو ”بغداد ڪا چور“ اها پهرين فلم هئي جنهن سلور جبلي ملهائي هئي. 1927ع ۾ بمبئيءَ ۾ هڪ فلم ڪمپني ٻرپا ٿي جنهن جو نالو هو امپيريل فلم ڪمپني جنهن پارت ۾ پهرين ٻولتي/ڳالهائيندڙ فلم ”عالم آرا“ ناهي. هن ڪمپنيءَ پهرين انگريزي فلم ۽ رنگين فلم ناهي. مشهور هدايتڪار محبوب اي.آر. ڪاردار ۽ يعقوب هن فلم ڪمپنيءَ جي پيدائش آهن. هن ڪمپنيءَ پڻ ڪافي گونگيون فلمون ناهيون جهڙوڪ : ميواڙ ڪا سنگهہ (پهرين فلم خواب مستي، بامب، سڀا گ


www.sindhigulab.com a complete Sindhi web magazine

رل ۾ انارڪلي. بامب فلم جي هيروئن سلوچنا هئي. هدايتڪار هو آر. ايس. چوڌري. ديش جي وڳوڙي حالتن کي ڌيان ۾ رکي هن فلم جي نمائش تي سينسر بورڊ بندش وڌي هئي. بامب فلم کي ڪٽي ستي هڪ نئين فلم ”خدا ڪا بندا“ جي نالي سان ٺاهي رليز ڪئي ويئي. سئيا گرل ۾ پرٿويراج ڪپور پهريون دفعو هيرو جو رول ادا ڪيو. هن فلم جي هيروئن هئي ارملائين. هن ڪمپنيءَ بمبئيءَ ۾ ”انارڪلي“ فلم پهرين رليز ڪئي. پنجاب جي فلم ڪمپنيءَ طرفان ٺهيل فلم ”لو آف مغل پرنس“ کي پنتي ڪري ڇڏيو. انارڪلي فلم جي هيروئن سلوچنا هئي.

1929ع ۾ هڪ ٻي مشهور فلم ڪمپنيءَ ”پربات“ ڪولهاپور ۾ ٺهي. هن ڪمپنيءَ گونگين فلمن سان گڏ ٻولتي/ ڳالهائيندڙ فلمون پڻ ٺاهيون. انهن مان مکيه هيون اديڪال، مهاتما تڪارام، دنيا نه ماني، سنت گيانيشور، آدمي، رام شاستري، گوپال ڪرشن، خوفِ خنجر، چندرسينا ظلم وغيره.

گونگي فلمن جي زماني جي هڪ مشهور ڪمپني ”رنجيت فلم ڪمپني“ جي نالي برپا ٿي. هن ڪمپني کي برپا ڪندڙ هئا هدايتڪار چندولعل شاهه ۽ اداڪاره گوهر بائي. هن ڪمپنيءَ جي پهرين فلم ”پتي پتني“ هئي جنهن ۾ گوهربائي ۽ مبارڪ ڪم ڪيو.

## موهن ڀاوناڻي

سنڌي جوان موهن ڀاوناڻي سنڌ مان بمبئي اچي گونگي فلمن جي زماني کان ويندي ٻولتي فلمن جي زماني تائين فلم جي نرماڻ ڪاريه ۾ زبردست مشغول رهيو ۽ ڪافي نالو ڪمايو. موهن ڀاوناڻيءَ جي هندي فلمن جي نرماڻ ڪاريه ۾ ڏنل يوگدان جو ذڪر ايندڙ بابن ۾ ڪيو ويو آهي.

1930ع جي آسپاس انڊيا آرٽ پراڊڪشن جي شايع هيٺ موهن ڀاوناڻيءَ هڪ بهترين ڪلاتمڪ فلم ٺاهي جنهن جو نالو هو ”وسنت سينا“ هيءَ فلم پڻ همانشوراءِ جي ٺهيل فلم لائيٽ آف ايشيا وانگر وديشن ۾ ڪافي لوڪپريه ٿي. فرانس ۽ جرمنيءَ ۾ هن فلم جي رليز ٿيڻ سان ڀارت جي فلم ڪلا کي وديشن ۾ عزت حاصل ٿي. هيءَ فلم ان وقت جي بهترين فلم هئي.

1925ع کان 1930ع جي وچ ۾ اوير ۾ بنگال ۾ پڻ فلمون ٺهڻ لڳيون. ڪافي


www.sindhigulab.com a complete Sindhi web magazine

بهترين پروڊيوسر، هدايتڪار، ڪلاڪار، فلم ڪيتر ۾ داخل ٿيا. نيو ٿيئٽرس جا بي. اين. سرڪار، ديوڪي ڪمار بوس، بي.سي. بروئا، نتن بوس مشهور آهن.

## ڀارت سرڪار جي رپورٽ

ڀارت ۾ گونگي فلمن جو دؤر 1913ع کان 1930ع تائين ڳڻيو وڃي ٿو. ڀارت سرڪار سنہ 1930ع هڪ ڪاميٽيءَ جي رپورٽ ظاهر ڪئي. ڪاميٽيءَ جو چيئرمين رنگاچاري هو. هن رپورٽ مطابق ڀارت جي الڳ الڳ شهرن ۾ گونگيون فلمون ٺاهڻ واريون 20 ڪمپنيون سرگرم رهيون. 1930ع تائين سڄي ڀارت ۾ اٽڪل 470 سئنيماگهر ٺهي چڪا هئا انهن مان 55 سئنيما گهر اهڙا هئا جتي صرف وديشي فلمون ڏيکاريون ويندين هيون. ٽورنگ سئنيما گهر ڳوٺن ۾ فلمون ڏيکاريندا هئا. ٽڪيٽ جو نرخ ٽن آنن کان ٽن رپين تائين هوندو هو. سئنيما گهرن ۾ زالن لاءِ الڳ وهڻ جو بندوبست ڪيل هوندو هو. فلم ڏيکارڻ سان گڏ هارمونيم ۽ طبلي وڄائڻ جو پڻ رواج هو جئن فلم جي کهاڻي اٿرڏايڪ ٿئي. فلم جي وچ ۾ ناچ گانن جا پروگرام پڻ رکيا ويندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن فلم جي ڪامينٽري ڏيڻ جو بندوبست پڻ ڪيل هوندو هو. شروعاتي فلمن جي شوٽنگ ڏينهن جي روشنيءَ ۾ ڪئي ويندي هئي. ان ڪانپوءِ موهن ڀاوناڻي ۽ ٻين هدايتڪارن جي ڪوشش ۽ محنت سان نقلي روشنيءَ جي اُپيوگ جي شروعات ٿي. آرڪ لئمپ جو پهريون پريوگ هدايتڪار بروئا 1929ع جي آسپاس ڪيو. دادا ڦالڪي جي فلمن جي درشين ۾ رنگه منچ شئليءَ جو استعمال ڪيل هو. سيني قسمن جي درشين لاءِ رڱيل پڙدن جو استعمال ٿيندو هو. ساڳي شئلي پارسي ناٽڪ ڪمپنين پنهنجن ناٽڪن ۾ استعمال ڪئي.

درشيه ۾ اصليت آڻڻ لاءِ فلمن ۾ پهريون دفعو سيٽ جو اُپيوگ بابوراؤ پينٽر ڪيو. اُن وقت فلم ٺاهڻ تي 20-15 هزار خرچ ٿيندو هو. فلم اٽڪل ٻن ٽن هفتن ۾ ٺهي ويندي هئي. فلمن جي لنبائي 8000 فوٽن تائين هوندي هئي. ان وقت اداڪار ۽ اداڪاره ڪانٽرئڪٽ يا اگريمينٽ نه ڪندا هئا. ڪين مهني سؤ سوا کان ويندي پنج سؤ يا هزارن تائين محنتاڻو ملندو هو. ان وقت گوهربائي، زبيدا ۽ سلوچنا اول نمبر جون اداڪاره هيون. 1925ع تائين فلمن ۾ گهٽ درجي جا ماڻهو ڪم ڪرڻ پسند ڪندا هئا. پر ڪجهه عرصي بعد اوچ درجي جا ۽ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو پڻ فلمن ۾ ڪم ڪرڻ پسند ڪرڻ لڳا. ان وقت جون مشهور اداڪاره


www.sindhigulab.com a complete Sindhi web magazine

هيون سلوچنا، گوهرٻائي، جلوٻائي، زبيدا، سلطانا ۽ ايمرلائين. اداڪارن ۾ وري ڊي. بليموريا، جئراج، جال مرچنٽ، پرٿويراج ڪپور، جگديش سيٺي مشهور هئا. ڊائريڪٽرن ۾ دادا فالڪي، بابوراءُ، پينٽر، موهن ڀاوناڻي، چندولعل شاه، پرڦل، وي. شانتارام ۽ ديوڪي بوس مشهور هئا. فلم جي نرماڻ جي ترقيءَ کي ڌيان ۾ رکي سرڪار سنه 1930ع ۾ بمبئي، ڪلڪتا ۽ مدراس ۾ سينسر بورڊ قائم ڪيا. لاهور ۾ 1928ع ۾ سينسر بورڊ قائم ڪيو ويو.

## ڳالهائيندڙ/ٻولتي/ٽاڪي فلمن جي آغاز جو اتهاس

گونگي فلمن جي نرماڻ جي زماني کان وٺي وديشي سائنسدان فلمن ۾ آواز پيدا ڪرڻ/فلم کي واڻي بخشڻ لاءِ تجربا ڪندا رهيا. آخر ڪامياب ويا. هن ڏس ۾ آمريڪا جي هڪ فلم ڪمپنيءَ فلم ۾ واڻي/آواز جو استعمال ڪري دنيا کي عجب ۾ وجهي ڇڏيو. هن ڪمپنيءَ ”ڊان جان“ نالي واري پهرين/ڳالهائيندڙ ٻولتي/ٽاڪي فلم آگسٽ 1928ع تي نيويارڪ ۾ ڏيکاري. هن فلم ۾ اڄڪلهه جي فلمن وانگر آواز پريل نه هو. آواز رڪارڊن ۾ پريو ويو هو. اهي رڪارڊ فلم هلڻ سان گڏ وڄايا ويندا هئا.

اڄڪلهه جي فلمن وانگر آواز سان پريل پهرين فلم سنه 1939ع ۾ ٺهي. فلم جو نالو هو ”دي لائيف آف نيويارڪ“ آمريڪا وانگر انگلنڊ، فرانس ۽ جرمنيءَ ۾ سنه 1939ع ۾ ڳالهائيندڙ فلمون ٺهڻ لڳيون. سڀ کان پهرين ٻولتي/ڳالهائيندڙ فلم ”ميلبڊي ڪئين“ ڪلڪتي ۾ اسپلينڊ پڪچر پئليس ۾ ڏيکاري ويئي. درشڪن کي عجب ۾ وجهي ڇڏيو. ڀارت ۾ پڻ ڳالهائيندڙ فلمن جي نرماڻ لاءِ اُتساه وڌيو.

4 فيبروري 1931ع ۾ بمبئيءَ ۾ ايسپائر ٿئيٽر ۾ ٻن ريلن واري هندي فلم رليز ڪئي ويئي. هن فلم ۾ ناچ، سنگيت ۽ گيت پڻ هئا. هن فلم ۾ منيٻائيءَ جو ڳايل گانو ”اپني مولا ڪي مئن هين جوگن بنوگي“ ماڻهن کي چريو ڪري ڇڏيو. هن فلم ۾ آرڪيسٽرا جو پڻ سٺو پريوگ ڪيو ويو هو.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ ڀارتي فلمن جي اتهاس ۾ نئون موڙ آيو. پهرين پوري لنبائي واري ڳالهائيندڙ/ٻولتي/ٽاڪي فلم ”عالم آرا“ رليز ٿي. 4 مارچ 1931ع



تي بمبئيءَ جي مئجسٽڪ سئنيما هال ۾ فلم ”عالم آرا“ ڏيکاري ويئي. فلم ڏسڻ لاءِ ماڻهن جي زبردست پيهه هئي. شو جو وقت منجهند جو 3 بجي رکيو ويو هو. اُن ڏينهن فلم ڏسڻ لاءِ ٽڪيٽون پنجاهه روپيه وڪاميون هيون. هن فلم جو نرماڻ ۽ ڊائريڪشن امپيريل فلم ڪمپنيءَ جي سايعي هيٺ ٿيو هو. هن فلم جو ڊائريڪٽر هو آرديسر ايراني. عالم آرا هڪ ڪاسٽيوم فلم هئي. هن فلم جي ڪهاڻي ۽ ڊائلاگ جوسف ڊيوڊ لکيا هئا جيڪو اُن وقت جو مشهور اردو ليکڪ هو. فوٽوگرافيءَ جو هدايتڪار آدل ايراني هو. ڪلاڪار هئا ماسٽر وٺل، زبيدا، جلوٻائي، پرٿويراج ڪپور، ڊبليو. ايم خان، جگديش سيٺي وغيره.

عالم آرا فلم جي ٻولي نه اردو هئي نه هندي. پر مليل جليل ٻولي هئي. ڪهاڻي پڻ مڪمل نه هئي. فلم جا ڪجهه گانا مشهور ٿيا. عالم آرا فلم جو رليز ٿيڻ هڪ وڏي ڳالهه هو. گونگين فلمن جي لوڪپريتا ختم ٿيڻ لڳي ۽ نرماڻ ڪاريه پڻ بند ٿي ويو. ٻولتي فلمن جو نرماڻ ڪاريه زور شور ٿيڻ لڳو. ٻولتي فلمن جو نرماڻ ڪاريه اڄ پڻ قائم آهي. ڀارتي فلمي دنيا اڄ انڊسٽري جو روپ ڌارڻ ڪري چڪي آهي. ٿوري ۾ اسان گونگي ۽ ٻولتي فلمن جي شروعاتي اتهاس جي ڄاڻ حاصل ڪئي جيڪو اتهاس جي پنن ۾ لکل هئي. ٻولتي فلم جي هاڻوڪي اتهاس کان هرڪو فلمي شائق واقف آهي.

❐❐❐